SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر XVII مجريه 1978

SINDH ORDINANCE NO. XVII OF 1978

سنڌ شهري غير منقوله جائداد (ترميم) حڪم نامو، 1978

THE SINDH URBAN IMMOVABLE PROPERTY TAX (AMENDMENT) ORDINANCE, 1978

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title, Extent and Commencement

2. 1958 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ X ۾ دفعه 7_A جو واڌارو.

Insertion of section 7_A in West Pakistan Act X of 1958

سنڌ آرڊيننس نمبر XVII مجريہ 1978
SINDH ORDINANCE NO. XVII OF 1978
سنڌ شهري غير منقوله جائداد (ترميم) حڪم نامہ، 1978
THE SINDH URBAN IMMOVABLE PROPERTY TAX (AMENDMENT) ORDINANCE, 1978

[14 ڊسمبر 1978]

سنڌ شهري غير منقوله جائداد ٽيڪس ايڪٽ، 1958 ۾ ترميم آڻڻ جو ايڪٽ.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته اها تقاضا آهي ته سنڌ شهري غير منقوله جائداد ٽيڪس ايڪٽ، 1958 کي هيٺين نموني بدلايو ويجي.

هاڻي ان ڪري 15 جولائي 1977 واري اعلان، جنهن کي قانون [لاڳو رهڻ ۾ تسلسل] واري حڪم مجريہ سان ملائي پڙهيو ويجي، ان جي پوئواري ڪندي، سنڌ جو گورنر هن آرڊيننس کي جوڙي ۽ لاڳو ڪري ٿو.

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title, Extent and Commencement

1. (1) هن حڪم نامي کي سنڌ شهري غير منقوله جائداد (ترميم) حڪم نامہ، 1978 چيو ويندو.

(2) اهو هڪدم لاڳو ٿيندو.

1958 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ X ۾ دفعہ 7_A جو واڌارو.
Insertion of section 7_A in West Pakistan Act X of 1958

2. "7_A جيڪڏهن هن ايڪٽ جي مضمون ۽ تناظر جي خلاف نہ آهي ته پوءِ ملڪيتن جي ملهہ ڪٺڻ واريون لسٽون، صنعتي ملڪيتن ڪانسواءِ جيڪي 30 جون 1978 تائين جڙيل هيون، اهي انهيءَ تاريخ کان لاڳو رهنديون ۽ انهن جي بنياد تي ٽيڪس مڙهيو ويندو. تان جو هن ايڪٽ جي دفعہ 7 مطابق نئون لسٽون جوڙيون وڃن يا 31 ڊسمبر 1997 تائين هلايون وڃن، ٻنهي تاريخن مان جيڪا به اڳي هجي.

نوٽ:_ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.